# سنڌ آرڊيننس نمبر XIII مجريه 1997

# SINDH ORDINANCE NO.XIII OF 1997

# سنڌ بلڊنگس ڪنٽرول (ترميم) آرڊيننس، 1997

# THE SINDH BUILDING CONTROL (AMENDMENT) ORDINANCE, 1997

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعئت (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1979 جي سنڌ آرڊيننس نمبر. V جي دفعه 19 جي ترميم
Amendment in section 19 of Sindh Ordinance No.V of 1979

# سنڌ آرڊيننس نمبر XIII مجريہ 1997

# SINDH ORDINANCE NO.XIII OF 1997

# سنڌ بلڊنگس ڪنٽرول (ترميم) آرڊيننس، 1997

# THE SINDH BUILDING CONTROL (AMENDMENT) ORDINANCE, 1997

[25 آڪٽوبر، 1997]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ بلڊنگس ڪنٽرول آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ بلڊنگس ڪنٽرول آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري اسلامي جمهوري پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) هيٺ مليل اختيارن کي استعمال ڪندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي.

| | |
|---|---|
| 1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ بلڊنگس ڪنٽرول (ترميم) آرڊيننس، 1997 سڏيو ويندو.<br>(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو. | مختصر عنوان ۽ شروعات<br>Short title and commencement |
| 2. سنڌ بلڊنگس ڪنٽرول آرڊيننس، 1979 جي دفعہ 19 ۾: ذيلي دفعہ (1-A) ۾ بشمول ان جي شرطيہ بيان جي، هيٺين کي تبديل ڪيو ويندو.<br>"بشرطيڪ دفعہ 21-A جي تحت واضح ڪيل يا سمجهيا ويندڙ قاعدن ۽ ضابطن جي پيچيڪڙي ڪندي عمارتن جي ڪمن سان لاڳاپيل ڪنهن ڏوهہ جي شروعات نہ ڪئي وڃي. | 1979 جي سنڌ آرڊيننس نمبر. V جي دفعہ 19 جي ترميم<br>Amendment in section 19 of Sindh Ordinance No.V of 1979 |

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**